SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.III OF 2014

# The Prevention of Defacement of Property Act, 2013

# 2014ع جو سنڌ ائڪٽ نمبر III.

# ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ وارو ائڪٽ مجريہ 2013

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. وصفون
( Definition )

3. ملڪيت جي ڏيک۔ بگاڙڻ تي بندش
(Prohibition on defacement of property)

4. ملڪيت جي ڏيک۔بگاڙڻ خلاف مسلح جٿو
.(Anti_Property Defacement Task Force)

5. ملڪيت جي بگاڙيل ڏيک متائڻ
(Removal of existing defacement on property)

6. قاعدن جوڙڻ جو اختيار
(Power to make rules)

# The Prevention of Defacement of Property Act, 2013

# ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ وارو ائڪٽ مجريہ 2013

[5 مارچ 2015]

ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ ۽ پٽين تي لکت تي پابنديءَ وارو ائڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ملڪيتن کي ڏيک بگاڙڻ کان بچايو وڃي ۽ ديوارن تي لکت تي بندش وڌي وڃي، ان ڪري هن ائڪٽ کي هيٺيءَ ريت لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

ان ڪري ائڪٽ کي هن ريت لاڳو ٿو ڪجي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (1). هن ائڪٽ کي ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ ۽ پٽين تي لکت تي پابنديءَ وارو ائڪٽ (The Prevention of Defacement of Property Act, 2013) چيو ويندو.

(2) هي ائڪٽ سموري سنڌ صوبي سان لاڳو.

(3) هي ائڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون Definitions

2. (1) هن ائڪٽ ۾، سواءِ ان جي تہ ڪا ڳالهہ ان جي مضمون جي حوالي سان منحرف نہ هجي، ڪن لفظن جون وصفون هن ريت ورتيون وينديون.

(الف) "مواد لڳائڻ" (Affixing Material) جو مطلب آهي تہ ڪوئي پوسٽر (Poster)، بل (Bill)، نوٽيس (Notice)، پلي ڪارڊ (Placard) يا ڪو ٻيو مواد ڪنهن جاءِ تي مالڪ جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ هڻڻ.

(ب) ڏيک بگاڙڻ (Defacement or Deface) جو مطلب آهي تہ مالڪ

جي منظوريءَ کانسواءِ ڪنهن خوبصورت جڳهه يا ملڪيت کي نقصان رسائي حليو بگاڙجي، خراب ڪجي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڏيک بگاڙجي. جهڙوڪ:

(i) ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لکت ذريعي.

(ii) چيپيل مواد ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لڳائڻ.

(iii) ڪو اهڙو عمل جنهن جي نتيجي ۾ ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) جي ڏيک ۾ بگاڙ اچي.

(ت) گورنمينٽ (Government) جي معنيٰ آهي سنڌ سرڪار.

(ث) ملڪيت (Property) جو مطلب آهي ڪا به اڏاوت، جڳهه، واڙهه (Fence Post)، ٿنڀو (Pole)، اڀائي (Erection)، مٿاڇرو (Surface).

(ج) لکت (Writing) جو مطلب آهي ڪا به تحرير، مصوري، پنهنجي خيالن جو اظهار يا ڪو ٻيو مواد جيڪو چاڪ، برش يا ڪنهن ذريعي سان ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لکيو وڃي.

| | |
|---|---|
| 3. (1) ڪو به ماڻهو عوام جي توجهه ڇڪرائڻ جي لاءِ ڪنهن به طريقي سان ڪنهن ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) جو ڏيک بگاڙي نٿو سگهي.<br>(2) هن ائڪٽ جي ڪنهن به گنجائش (Provision) جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو ويو ته، ان کي جيل موڪلڻ جي سزا ڏني ويندي، جيڪو مدو 6 مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ڏنڊ سميت سزا ڏئي سگهجي ٿي جيڪا 5000 رپين تائين هوندي، يا ڏنڊ ۽ جيل جون ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون. ۽ جيڪڏهن اهو ڏوهه ورجايو ويو ته ان لاءِ في روز هڪ هزار رپين جو ڏنڊ وڌو ويندو ۽ اهو ڏنڊ پهرين ڏوهه ڪرڻ واري تاريخ کان شروع ٿيندو.<br>ڇُوٽ (Exception): هن دفعه (Section) هيٺ ان کي ڏوهه (Offense) نه ڇيو ويندو جڏهن ملڪيت جو مالڪ يا نگهبان انهيءَ ڪم ۾ ڪنهن طريقي سان لاڳاپيل هوندو. | ملڪيت جي ڏيک- بگاڙڻ تي بندش<br>Prohibition on defacement of property. |
| 4. (1) هن ائڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ 15 ڏينهن اندر سرڪار ملڪيت جي ڏيک بگاڙ کان بچائڻ لاءِ هڪ فورس ( The Anti_Property Defacement Task Force) ناهيندي، جيڪو ڏيک بگاڙڻ جي دائري جو اندازو لڳائيندي ۽ اهڙا طريقا تجويز ڪندي ته جيئن هن ائڪٽ کي مناسب نموني سان لاڳو ڪري سگهجي، انهن ڪوشش جي سروي (Survey) ۽ اهڙن | ملڪيت جي ڏيک-بگاڙڻ خلاف مسلح جٿو<br>Anti_Property Defacement Task Force. |

پروگرامن تي غور ويچار ڪندو جيڪي ٻين جي دائري اختيار ۾ هوندا ۽ ڏيک بگاڙڻ خلاف ڪم ۾ رڌل هوندا ۽ ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ خلاف هڪ جامع پروگرام تجويز ڪندو.

(2) هي فورس (The Anti_Property Defacement Task Force.) چيئرپرسن (Chairperson) سميت ڇهن ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(3) فورس جو چيئرپرسن ۽ ميمبر مجيل تجربيڪار هوندا ۽ کين سرڪار هنن شعبن مان مقرر ڪندي:

(الف) قانون (Law)

(ب) سماجي يا ثقافتي پراجيڪٽس (Projects) ۾ مصروف سول سوسائٽي جي تنظيم

(ت) تعليم

(ث) اليڪترانڪ يا پرنٽ ميڊيا (Electronic or Print media)

(ج) واپاري برادري (Business Community)

(ھ) انجنيئرنگ (Engineering) يا آرڪيٽيڪچر (Architecture).

ملڪيت جي بگاڙيل ڏيک متائڻ
Removal of existing defacement on property.

5. هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي 30 ڏينهن جي مدي اندر هر ڪا ڪائونسل پنهنجي حدن اندر ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ جا اهي نشان ختم ڪري ڇڏيندي، جيڪي هن ايڪٽ ۾ منع ڪيا ويا آهن ۽ ان ميسارڻ واري ڪم تي ايندڙ خرچ انهن ماڻهن کان ورتو ويندو جيڪي انهن ڪمن جا ذميوار هوندا.

قاعدن جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules.

6. هن ائڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار قاعدا (Rules) جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ:_ ائڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**